
وقت بيهي نٿو ...
[طويل نظم]
محمد علي پٺاڻ
ڪونج اڪيڊمي

# وقت بيهي نٿو...

(طويل نظم)

محمد علي پٺاڻ

ڪونج اڪيڊمي ڪراچي

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | وقت بيهي نٽو ... |
| شاعر: | محمد علي پٺاڻ |
| صنف: | طويل نظم |
| ڇاپو: | پهريون |
| ڇاپي جو سال: | 2018ع |
| لي آئوٽ سيٽنگ: | وحيد علي پٺاڻ |
| ٽائيٽل: | آفتاب سرهيو |
| ڪمپوزنگ: | محمد امين ڪلهوڙو |
| بيڪ ٽائيٽل فوٽوگرافي: | طالب چنو |
| ڇپائيندڙ: | ڪونج اڪيڊمي ڪراچي |
| قيمت: | 300 |

| | |
|---|---|
| ڊجيٽل ايڊيشن: | 2020ع |
| | سنڌ سلامت ڪتاب گهر |
| | books.sindhsalamat.com |

# ارپنا:

**ننڍي ڀاءُ جهڙي عزيز**
**علي بخش پٺاڻ**
**جي نالي**

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”وقت بيھي نٽو“** اوھان اڳيان پيش آھي. ھي ڪتاب ھڪ طويل نظم تي مشتمل آھي جنھن جو تخليقڪار ناميو ليکڪ، شاعر ۽ افسانا نگار **محمد علي پناڻ** آھي.

ڊاڪٽر آفتاب ابڙو لکي ٿو: ”ڪتاب ’وقت بيھي نٽو‘ محمد علي پناڻ جي ھڪ طويل نظم تي آڌاريل آھي، جنھن ۾ ماضي قريب ۾ ـــ ستر واري ڏھاڪي کان اَسي واري ڏھاڪي تائين ـــ [1970-1980ع] پنھنجي ھڪ جيڏن سان گھاريل گھڙين جو ذڪر آھي. ذڪر ڇا آھي، ھڪ جيئري جاڳندي سنڌ جي سماج جي تاريخ آھي.“ رياضت برڙو لکي ٿو: ”ان ۾ ٿورو واڌارو ڪجي، تہ محمد علي پناڻ جي طويل نظم جا شعر صرف ھڪ ڏھاڪي جي تاريخ ناھن، پر گذريل چاليھن سالن جي عڪاسي ڪندڙ آھن“.

ھي ڪتاب **ڪونج اڪيڊمي، ڪراچي** پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو آھي. ٿورائتا آھيون محمد علي پناڻ جا جنھن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سجاڻپ

| | |
|---|---|
| نالو: | محمد علي پناھ |
| والد جو نالو: | حبيب الله پناھ |
| ڄم جي تاريخ: | 03 فيبروري 1962ع |
| ڄم جو هنڌ: | لاڙڪاڻو |
| پرائمري تعليم: | گورنمينٽ پرائمري اسڪول محلو غوث پور ، لاڙڪاڻو |
| سيڪنڊري تعليم: | گورنمينٽ پائلٽ هاءِ اسڪول، لاڙڪاڻو |
| انٽر: | گورنمينٽ ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻو |
| بي اي: | سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، سنڌ |
| ايم اي (سنڌي ادب): | سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، سنڌ |
| شادي: | 1987ع |
| اولاد: | هڪ نياڻي روحي بانو پناھ |
| لکڻ جي شروعات: | 1974ع کان ٻارن جي لاءِ ڪهاڻين ۽ شاعريءَ کان |
| ڇپيل ڪتاب: | اکيون آلا چنڊ (نثري نظم) 1988ع، |
| | عاشورا آهن (شاعري) 1995ع، |
| | اگهيا اوجاڳا (وايون) 2000ع، |
| | پيگو آرس اکڙين (شاعري) 2001ع، |
| | Fluttering Feelings (Poetry) 2011 translated by: Jam Jamali |
| | اڄي رات ڪارو چنڊ (ٽي وي ڊراما سيريز) 2016ع |
| | مونکي آهه اٿاريو (شاعري) 2016ع |
| | ميندي لهڻ کان اڳ ۾ (ڪهاڻيون) 2016ع |
| | وقت بيهي نٿو... (طويل نظم) 2018ع |

**اڻڇپيل ڪتاب:**

سئو لفظ سئو ڪهاڻيون، ايرينگ (فائيو ڊيز ٽي وي ڊرامہ سيريل)، چمپل ڳنڍايو (ڪهاڻيون) منهنجو ڏک (شاعري) واٽ وڃائي جن (ناول)، ڏوبي گهاٽ (ناول)، پيٽائيءَ ۽ بلهي شاھ جي ديس ۾ (سفر نامو)، وهڪرو (انفرادي ٽي وي ڊراما)، پسي بازاريون (ڪالم)، انصاف (ٽي وي ڊراما سيريز)، ڏک دنگي، هل ناڪتا (ڪالم)، يادگيريون سنپال (خاڪا)، ڌرتتي (ٽي وي ڊرامہ سيريل)، ڏکي ۽ ڏونگر (ڪالم)، اوڏر جي ماءُ (اسٽيج ڊراما)، ٻاروچو پنيور جو (انٽرويوز)، مونکي بہ وني هلو (ڪهاڻيون)، اٺون نڪاح (اسٽيج ڊرامو)، ڏوبي گهاٽ (ناول) ايپي اپاريام (تبصرا، مضمون، اخباري فيچر ۽ مهاڳ)، تڪرار (ٽي وي ڊراما سيريل)، ڪاهيءَ جي وچ ۾ (ناوليت)

**سهيڙيل ڪتاب:**

ڊاڪٽر بيگم اشرف عباسيءَ جي آتم ڪهاڻي "جيڪي هلن هيڪليون"، سوڀي گيانچنداڻيءَ جي آتم ڪهاڻي "روشنيءَ جي پنڌ ۾"

**ٽيليڪاسٽ ٿيل ڊراما سيريز:** انصاف (سنڌ ٽي وي 2004)، اڃي رات ڪارو چنڊ (ڪي ٽي اين 2005).

**ٽيليڪاسٽ ٿيل انفرادي ڊراما:** وهڪرو (ڊائلاگن ڪان سواءِ)، قومي شاعر، بک بڇڙو ٽول، پاڻيءَ جا شهيد، جيئڻ ڪارڻ جيڏيون، همٿ، پنجوڙ (مرڪزي خيال رزاق مهر جي اسٽيج ڊرامي ايف آءِ آر تان ورتل) ڪاري ڪٽي آهي (ڪهاڻي / امر جليل) ساڃيو ٿي سوال (ڪهاڻي/ ايشور چندر)، انڌو خواب (ڪهاڻي / اخلاق انصاري)

**اڻ ٽيليڪاسٽ ٿيل ٽي وي ڊراما:** ڏرتتي (سيريل)، هَٽ (انفرادي ڊرامو)، بيوسي (انفرادي ڊرامو)، ايرينگ (فائيو ڊيز سيريل) توتان بند بدا ٽيو (ڪهاڻي / امر جليل)، تڪرار (ڊراما سيريل) پڙلاءُ (ڪهاڻي / امر جليل)

**ڳايل شاعري:** رحمان مغل (سرمد سنڌي)، عاشق نظاماڻي، رحمت ميرالي، شبانہ ڪوثر، نظير سمون، شفيق منگي، محمد بچل عباسي، هادي بخش عباسي، پروان علي (مشتاق شيخ)، سهٽو شيخ

**ايڊيٽر:** "ذات" پبليڪيشن، لاڙڪاڻو، "مرڪ" پبليڪيشن ۽ ماهوار "ڪونج"، لاڙڪاڻو

**نوڪري:** اسسٽنٽ پروفيسر ،گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو

**رهائش:** گهر نمبر 913/1 ويجهو مسجد خضرا، محلو دڙي، لاڙڪاڻو

**فون:** 03312291073 – 03003414407

(مهاڳ)

## پرندڙ وقت جو نوحو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
نارَ وانگر ڦِري،
ڪوُهہَ مان ٿو ڪڍي،
لوٽڙيون آبَ جون،
پوُنءِ سيرابُ ٿئي،
زندگيءَ جو روان،
جيئن رهي قافلو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
وقت ڇا آهي؟

جواب سادو ئي آهي. وڇوٽي. ٻن لقائن جي وچ تي. ڄمڻ ۽ مرڻ جي وچ وارو وقفو. ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي، اصل ۾ اهوئي وقت آهي. ان پيدا ٿيل لقائن جي وچ ۾ جيڪي بہ حادثا رهيا ۽ ان ۾ مليل ڏک، سک، اذيتون، عذاب ۽ تجربا. جن مان حاصل ٿيندڙ نتيجا، جيڪي زندگيءَ کي معنيٰ ڏين ٿا.

شَهَرَ موُنهان ڪري،
ڳوٺَ دونهان ڪري،
ڪنهنڪي ارپي خوشيون،
ڪنهن جون جهڙپي خوشيون،
ڪنهن کي راهون ڏسي،
ڪنهن کان واهون کسي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

ڪو وقت هُيو، لاڙڪاڻو ائين نہ هو، جيئن هاڻِ آ. ڪا مصروفيت ڪانہ هئي. ڪو گوڙ نہ هو. ڪو شور نہ هو. چئوطرف وڻ ئي وڻ، باغ ئي باغ هئا. سڳنڌ هئي. ساڻُ نہ هو. تو وٽ هي آ. مونوٽ هي آ. تو وٽ هي ڪونهي. مونوٽ هو ڪونهي. ڪا ريس نہ هئي. رڳو محبت جي مَٽا سَٽا هئي. پاڙن ۾ رهندڙ سڀ محبتن جي رشتن ۾ ئي ٻڌل هوندا هئا. سڄو معاشرو نيروليءَ جي بازار جيان رنگبرنگي. سچايون هيون. ماهيڙن جي مکڻ ڪانوٽي پبڻ جي پَنَ ۾

ملندڙ لوٽياني _ پکل ڪَٽَلَ تائين ڪو هنگامو نہ هو. صرف مختلف پکين جون منيون منيون لاتيون. رات جي سانت ۾ گهوڙي جي ٽاپوليءَ جي ميوزڪ. ائين نہ هو، جيئن اڄ آهي. اڄ جو معاشرو مارڪيٽ جي اشارن تي آهي. ڪنهن کي پنهنجو ذهن جڻ آهي ئي نہ. رڳو، پرائي چوائس تي هلجي ۽ هٿ ۾ ڪنيل رنگبرنگي شاپر ۽ برانڊيڊ بوٽ ۽ سوٽ.

جي بہ چهرا ڏٺا،
تن ۾ چهرا ٻيا،
پِي لڪل مون ڏٺا،
جن ۾ تورا سڄڻ،
باقي سيئي ڏڄڻ،
واٽَ رت سان پريل،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

اڳ هرڪو سادگيءَ ۾ سهڻو ۽ اڇو اجرو هُيو. ڪرو ۽ سچو هو.

سَوَ الا باهِ جا،
روحَ ۾ ٽا ٻَرن،
دلبريءَ جي گهڙي،
مونکان ڪسجي وئي،
سارو جيون ٽيو،
باهِ جو سمنڊ آ،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

هي اهو دور هو، جو هر ماڻهوءَ جي هٿ ۾ ڪتاب هوندو هو. شهرن جا شهر، ڳوٺن جا ڳوٺ ماڻهن ۽ نظرين هيٺ سجاتا ويندا هئا. جيئن ٻلهڙيجي، لطيف جا پارڪو ۽ ڪامريڊ، جن جي ڪري ڳوٺ لِٽل ماسڪو سڏجڻ لڳو. آگاٽي ڳوٺ، ملڪ آگاٽي ۽ ڪيهر شوڪت ڪري تہ سجاپجندڙ، پر ننڍڙو چيني ڳوٺ. جتي پرائمري اسڪول ۾ انگي حسابن جا پراٽا درجا نہ، پر نوان درجا تہ، ”جي هڪ ڪامريڊ ويهن منٽن ۾ ٽي وڏيرا ماري ٿو تہ ڪلاڪ ۾ گهڻا وڏيرا ماريندو؟“

ان ماحول جا اسان سميت محمد علي پناڻ بہ اثر قبوليا.

1974ع جو زمانو. اسانجي لاهوري محلي واري گهر جي وشال اوطاق جي اڱڻ تي ”گلن جهڙا ٻارڙا“ جي هڪ تقريري مقابلي ۾ محمد علي پناڻ حصو ورتو ۽ اتان کان ٻارڙن جي سجاڳيءَ لاءِ مختلف مقابلن ۽ سکڻ ۽ سيکارڻ جي عمل ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لڳي ٿو.

ان دور کي مان سجاڳيءَ جو دور سمجھندو آھيان. جنھن ۾ پڙھڻ ھو. لکڻ ھو. انقلابن جا پوندڙ اثر ھئا. قومون وڙھي رھيون ھيون پنھنجي حقن لاءِ. پنھنجي ڪلچر ۽ ٻوليءَ لاءِ. دنيا ۾ ٿيندڙ ظلم خلاف آواز ھئا.

سج ڪرڻن منجھان،
چنڊَ تارن منجھان،
نيڻ ڌرتيءَ کي ڏئي،
باھہ، پاڻي، ھوا
۾ وجھي ساھُ نئون،
چاھُ ئي چاھُ نئون،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

تڏھن لاڙڪاڻو دنيا کان الڳ نہ ھو. ھر جدوجھد جو حصو ھو. دنيا bipolar ھئي. ترقي پسند ۽ رجعت پسند ٻہ الڳ ۽ ھڪٻئي جا ابتڙ ھئا. واجد،رزاق مھر ۽ محمد علي پناڻ جي ٺمورتي ترقي پسند ڏڙي سان سلھاڙيل. واجد جي مزاحمتي شاعري ڪر موڙي اٿي ھئي. رزاق ھڪ ري ايڪشنري ڪھاڻيڪار تي پيدا ٿيو ۽ محمد علي پناڻ انھن ٻنھي جا اثر قبول ڪيا.

انھن ئي ڏينھن ۾ ڪيھر شوڪت ڪراچيءَ کان ايندو تہ سيني کي گڏ ڪندو ھو. بحث ٿيندا ھئا جديد ادب تي، عالمي ادب تي. ڪيھر شوڪت دوستو فسڪي جي ناولن تي، انھن جي ڪردارن تي انتھائي گھرائي سان ڳالھائي انھن جي پڙھڻ جو اتساھ جاڳائي ويندو ھو. البرٽ ڪاميو جي فلاسافي تي وسيع مطالعو رکندو ھو. ھو ان دور جو وڏو ۽ جديد ڪھاڻيڪار ھو. ھو جڏھن ٻہ لاڙڪاڻي جي ياترا تي ايندو، تہ لازمي طور تي سنگت کي آگاڻي ڳوٺ جي زيتونن جي باغن، ناري جي ڍنڍن ۾، مڇين جي شڪار ۽ دادو ڪئنال ۾ سنجھين ھيڻان تڙڳڻ جا مزا وٺرائيندو ھو. راتين جو ملڪ آگاڻيءَ جي اوطاق تي ڪير پت سان گڏ ڪاڪي ارباب جون طبقاتي جدوجھد جي ڳوناڻي انداز ۾ تشريح ڪرڻ ۽ ڪيھر شوڪت ۽ ملڪ آگاڻيءَ جي اشارن ڪناين ۾ پنھنجي عشقن جا قصا ڪرڻ. وقت وڏو ظالم. ھر شيءِ کي لُٽي ويو. ڦري ويو. نہ رھيون اھي قرب ڪچھريون. نہ رھيا رزاق مھر جا وڏا وڏا ٺھڪ، واجد جا رساما ۽ ناراضگيون، ملڪ آگاڻيءَ جون دعوتون ۽ ڪيھر شوڪت جا ڳئوري آواز ۾ پر مغز بحث.

مَھَرَ جا درد ۽
لڙڪ واجد سندا،
پارَ ڪيھر جا ٿيا،
دانھن ٿي ملڪ جي،
چيخ روشن ٿنيو،

هي تہ اتهاسُ ها!،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

1979 ع کانپوءِ سنڌ هڪ دهشتناڪ دور ۾ داخل ٿي وئي. مارشلا جو قهري ڪارو دور. اسانجو انور پيرزادو ڪراچيءَ مان مستقل طور لاڙڪاڻي پهچي ٿو ۽ محمد علي پناڻ ان جي دوستن جي حلقي ۾ وڏيڪ ويجهو ٿي وڃي ٿو. انور جي اها خوبي، تہ جنهن سان لائيندو، ان سان نڀائيندو. لطيف سائينءَ سان سندس سڪ ۽ عقيدت آخر تائين رهي. لطيف کي نئين انداز سان پڙهڻ ۽ پرجهڻ ۾ انور جو ڪمال هو. "ور وائيءَ جو جي لهين" ۾ هن نوان دڳ ڳولهي ڏنا. محمد علي پناڻ انهن ڏينهنِ ۾ انور جي شاعريءَ جون ڏائريون پڙهيون تہ ان جو وڏو اثر قبول ڪيائين. جيڪو هن کي کهاڻي ڪان شاعريءَ ڏي وٺي آيو.

هوُ جو انور هُيو،
منهنجو رهبر هُيو،
جنهن جي دل ۾ اکر،
ڪوئي مانداڻ ها،
چنڊ چانداڻ ها،
هَئہِ ويو سو گسيون!،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت جي وڏي وٿ اهائي آهي تہ ان جي هر وک انت ڏي آهي. ڊهڻ ڏي آهي.

بيل گاڏيءَ مٿان،
ريلَ گاڏيءَ مٿان،
ٿو مسافر ڪري،
ٻُڪَ ۾ گل پري،
حادثن ۾ پسم،
ڪيلُ سارو ختم،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

ڪابہ شيءِ وس ۾ نہ ٿي رهي. وقت گذرڻ سان اها هٿن مان ڪسڪي ٿي وڃي. مٿيون مائٽيون، دوستيون، دلبريون، محبتون صحبتون ۽ نہ اها طاقت رهي، نہ توازن.

جَڳَ جو، وقت جو،
ڪيڏو آهي مِنو،
پَلُ پري هڪ ٿيڻ،

جڻ تہ ڪسجي وڃڻ،
ٻانئي مخلوق ٿي،
هو نہ ڪنهن جو رهيو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

ڪائنات تہ هميشہ وڌندي ٿي رهي ۽ ڌرتيءَ تي جيئن پوءِ تيئن ترقي تيز کان تيز ٿيندي پئي وڃي. روڊ رستا، سواريون هوندي سوندي بہ ملاقاتو مهل سان نہ ٿين. اها سڪ نہ هجي. ڪائنات ۾ پڪي بہ پريشان هجن. ڪو وڻ نہ ٽڙُ. بٽڻ دٻائڻ سان دنيا ۾ ٿيندڙ لقاءَ ان مهل ساڳئي ٽائيم تي ئي ڏسجن. پر ماڻهو سڀ هوندي بہ هرهنڌ اڪيلو. سڀ ڪجهہ هوندي بہ ڪجهہ نہ آهي. ڪجهہ نہ آهي.

تاريخ: اخلاق انصاري،
5 جون 2018 ع لاڙڪاڻو.

وقت بيهي نٿو،
وقت بيهي نٿو...
لڙڪ جي بوندَ ۾،
لَهَرَ ڪنهن سمنڊ ۾،
ڳَلَ ڪنهن ترَ مٿان،
پوُنءِ بنجرَ مٿان،
امن ۾، جنگ ۾،
گهاٽي ڪنهن جهنگ ۾،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
شَهَرَ موُنهان ڪري،
ڳوٺَ دوُنهان ڪري،
ڪنهن کي ارپي خوشيون،
ڪنهن جون جهڙپي خوشيون،
ڪِنِ کي راهون ڏسي،
ڪِنِ کان واهون کسي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

مونهان = مُهين جو دڙو

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
جيئن وهندڙ نديون،
اک چنڀ ۾ صديون،
ايئن گذري ويون،
ڄڻ تہ اڏري ويون،
ٽي پکي اپ ڏي،
نيرڙي نڀَ ڏي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
تيرَ ڪنهنکي ڏئي،
جهيرَ ڪنهنکي ڏئي،
ماڳ ڪنهن کان ڦري،
ڀاڳ ڪنهن کان ڦري،
ڪنهنکي رنج ۽ الم،
ڏئي رڳو غم ئي غم،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
توُڙِ تاڪُن بٽي،
سِرُ تِريءَ تي ڪٽي،
سُجَ ۾ هڪ عزم،
جنهنجو نالو پرم،
پيرَ بيئي پٿوُن،
پوءِ بہ اڳتي ڇِڪيون،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ٿَرَ ۾ تي ڪَکَرُ،
بَرَ ۾ تي بَحَرُ،
وات ۾ تي وِڇوُن،
پيرَ ۾ تي ڪَچوُن،
نيڻَ نِرمل مگر،
ڪچ ۾ ڪاتيون رکيِ،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ماءُ جون لولڙيون،
پيڻ جا لاڏڙا،
زال جون سپ خوشيون،
اَڪِ اَٽيءَ ۾ وڃهي،
چندَ ڏي ٿو ڪٽي،
قولَ وانگر ڇٽي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
هيِ عجب مامرو،
عشق جو دائرو،
ايتروئي وڏو،
جيترو هيِ جهان،
لوڪَ جي سوچ جي،
شاهہَ رَڳَ سان ڳنڍيل،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
انتظاريون ڏئي،
بيقراريون ڏئي،
لڙڪ موتي ڪري،
ٿڪ ٽاندا ڪري،
رڻ رت سان رَڱي،
ڪينَ ڪنهنجي مَڃي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
بيلَ گاڏيءَ مٿان،
ريلَ گاڏيءَ مٿان،
ٿو مسافر ڪري،
ٻُڪَ ۾ گل ڀري،
حادثن ۾ ڀسم،
ڪيلُ سارو ختم،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
سچ جي نانوَ کي،
قرب جي ڇانوَ کي،
ٻاجھ جي ساوڪن
سان سلهاڙي رکي،
مرڪ جا ڇَپَ ٽي،
چنڊُ تي ۽ ڇَلي
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
سِجَ ڪِرڻن منجهان،
چنڊَ تارن منجهان،
نيڻ ڌرتيءَ کي ڏئي،
باهِ، پاڻي، هَوا
۽ وجهي ساهُ نئون،
چاهُ ئي چاهُ نئون،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ٻارَ ۾ توتِڙو،
تي کو آوازُ هو،
پيرَ ۾، پنڌ ۾،
تي ٿو رهبر هلي،
خواب ڏئي، ساڀيا
لَئِ کو ويساهُ ڏئي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
آ جوان ئي جوان،
کين پوڙهو ٿئي،
جيوُ ڀوڳي وڃي،
موت ڀيڙو ٿئي،
معجزن سمنڊ جيان،
جنهن ۾ لمحا ٻُڏَنِ،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
عُمرُ گهٽو آ پرين،
ڪَرُ گهٽو آ پرين،
هَٿُ هَٿَ ۾ تہ ڏي،
ڇا خبر موت ٿئي،
هِڪُ دفعو پاڻَ ۾،
هِڪُ ٻئي تا وَجون،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
نارَ وانگر ڦِري،
کوهہَ مان ٿو ڪڍي،
لوٽڙيون آبَ جون،
پوُنءِ سيرابُ ٿئي،
زندگيءَ جو رَوان،
جيئن رهي قافلو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ڪِٿِ پَٿَرَ تي اُڪَرَ،
ڪِلِڪَ ڪِٿِ هَٿَ ۾،
مَسُ بنا رت سان،
تي پئي سَچُ لکي،
سَچُ، جيڪو سدا،
مَچَ ٻاري پيو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
هُنَ ڪي ڏاوَڻُ نہ ڪو
۽ نہ ڪا ڪوڙڪي،
هَٿَ هزارين سندس،
جيڪي چاهن جتي،
ڪائناتون اڏِنِ
۽ نہ چاهن، ٽٽنِ،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
پيارُ ڏوهي هِتي،
دارَ جنهن لَءِ سَوين،
هارَ، صديون ڪئين،
جيتَ لمحو نہ ڪو،
وقت جي برف کي،
وقتُ ڳاري نٿو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
فيس بوڪ تي ڏٺي،
تنهنجي تصويرَ جيئن،
دل سندا لڙڪ سپ،
نرڙ تي پگهرُ ٿي،
اوچتو ويا مِڙي،
تون وئينءَ جهوُرِ ٿي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
قيدُ جيون جو ڏئي،
پيدُ جيون جو ڏئي،
ساري مخلوق کي،
رات کي، ڏينهن کي،
ڪنهن تہ ڊرامي جيان،
جنهن ۾ منظرَ مَٽي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
فيصلو آ وڏو،
ٿورو سوچڻ تہ ڏي،
نيڪ آ ڌارَ ٽا،
پاڻ ٻيئي ٽيون،
پنڌ هيڪل پرين،
پيرَ ڪيئن پوءِ ڪندا!؟،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
علم ۽ عقل جا
سَوَ خزانا کڻي،
سوجهرو ماڻهپي جو
ڏئي سوچَ کي،
ياءُ تي يائريءَ
جا اڏي پيچرا
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
وارَ وَڻَ جيترا
راز هو ايترا
پنهنجي مُٺِ ۾ کڻي،
هِنَ جهان جو سَفَرُ
ڪنهن بہ ساهيءَ سِوا
ٿو پيو جاري رکي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ڪِٿِ هَماليہ، ڪِٿي،
ڦَدُ ماٺهوءَ سندو!،
جنهن کي پَٿَ تان ڪٽي،
ايئن وڌائي پيو،
جو ڏسي حيرتن،
کي ٿي حيرتَ وني،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
شانَ کي، مانَ کي،
تختَ کي، تاجَ کي،
پنهنجي پاڪر پري،
جنتن جون خوشيون،
ٿو عنايت ڪري.
ڪِٿِ ٿو پِتِ سان هَٽي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ٻولَ، ٻوليون سَوين،
ماءُ لوليون سَوين،
هو ڏئي لوڪَ کي،
جانور کان اتم
آدميءَ کي ڪري،
رنگَ پونءِ ۾ ڀَري،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
سيکو سمجهي ائين،
هوُ رکو ئي سندس،
ڪَلَ تي تڏهين پوي،
مُنهن مَٿي هن جڏهن،
مَڙَ مِٽيءَ ۾ چڏي،
دَڳُ آ پنهنجو وَٺو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
مارئي هيڪلي،
جنهن جي وَسَ ۾ نہ ڪجھ،
تنهن کي ڏئي حوصلو،
رُڪَ فولادَ جي،
عمر جي ڪوٽ ۾،
اڄ بہ طاقت ڏئي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
مَکِ ماکيءَ سندي،
رَسُ گلڙن منجهان،
ڏس، ڪٽي چَپَ سان،
پوءِ مانارَ کي،
ساري سنسار کي،
ڪيئن مِنو ٿي ڪري،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
گهيڙُ جنهن آ پچيو،
ٽيڙُ ان کي ڏئي،
ماڳَ کان کوهہَ سَوَ،
تو پري پيو ڪري،
جو پچڻ ري گهِڙي،
تنهن سان گڏجي پيو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
جوڙُ جنسارَ سان،
جوڙجي ڪيئن، اهو،
درسُ ڏي تو ڳُجهو،
جنهن هنڊايو هِنئين،
سَفَرُ پنهنجو انهي،
اَمَرُ پونءِ ۾ ڪيو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
هر پکيءَ لات ۾،
ٻولُ هن جو ٻُري،
وِڄُ ڪيري ڪِٿي،
زورُ هن جو ٻُري،
پَرَ جلن، ڪيهَ ڪا،
عرش ڏي ٿي اُڏي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ڪاٿي منصف ٻڻي،
تو ڪري فيصلا،
ڪاٿي رهزن بَڻي،
تو ڪُهي قافلا،
ڀونءِ کي ڀونچالُ ۾،
سَوَ ڏئي زلزلا،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
سورَ ڪائي سبب،
ٿئي نسل واڌ جو،
فرض ڪيو خاص سو،
وقت هر ماءُ جو،
جنهن سان ٻَهَڪيِ اها،
جنم نئون ٿي وني،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ڏات ڏيئو ٻڻي،
ذهن انڌڪارَ ڪي،
ٿي تَڙي ۽ ڏِڪي،
پوءِ ٿا رستا نَهَنِ.
درد دل جا جتان،
منزلن ڪي رَسن،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ڪو ڄَمي جيئن ٿو،
موت انوقت ڪان،
ڏينهن ان جا ڳڻي،
ٿو پيو پيڇو ڪري،
هو جتي پي ڪريو،
وَجهُ مليو، وارُ ٿيو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ڪيرُ پَلِ ڪجھ چوي،
هو نہ خاموش آ،
هن ڪي اهڙي زبان،
جيڪا سمجهي هوا،
رُخ طئي ٿي ڪري
۽ اڏي ٿي جهان،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
پيرَ هن کي نہ هَنِ،
هَٿَ هن کي نہ هَنِ
ڪونہ چهرو، ڪو نَڪُ
۽ نہ ظاهر وجود،
تيز تَرِ پر گهڻو،
پيو ٿو اڳتي وڌي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
وَڻَ نہ آهن تہ ڇا،
ٽاڪَ ويلي پرين،
چانوَ ڪڪرن سندي،
وڪ وڪ ٿو ڏئي،
بوند برسات ٿي،
رقص ڳڻ ٿو ڪري،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
مونکي ڇَڏِ مان وڃان،
ويھجڻ  موت آ،
وهڪرو اَڄُ ٽِڀَڻُ،
آئون چاھيان پيو.
سمنڊ سان ميلُ ٿئي،
سَڦَلُ جيون ٿئي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
رِڻَ اهي ئي اڳيان،
سورما ٿيا نوان،
هَڪَلَ ساڳي اها،
حق جي، سچ جي،
بس، فرق جي رهيو،
سوچَ هَٿيارَ جو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
پيارَ جا چِڻ چِڻي،
هو مٿيءَ ٽانوَ جيان،
دل جي آويءَ اندر،
ٿو پچائي ڪري،
جيڪي جرڪن سدا،
هن جيان ٿي اَمَرُ،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ڪنهن بہ طاقيي جيان،
هو ڳجهي هَٽَ سان،
ٿي کهاڙيون ڪئين،
پيو ٿو ڪُلندو وڃي،
واءُ جهوٽو بڻي،
پيو ٿو گهلندو وڃي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
آرسيءَ ۾ ڏٺو،
پنهنجو چهرو جڏهن،
ڇَپَ ڇوري پڇيم،
پاڻَ ڪان، تون ڪِٿي،
تنهجو جوڀن ڪِٿي،
۽ هو بچپن ڪِٿي؟،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ٿي نہ ڪجھ تون ٻيو،
ساهہَ دَرياهہَ جو،
بس، مُهاڙو ٽِجان،
دل جو راڙو ٽِجان،
ماڙهپو سيرَ مان،
جيئن تون تاري سگهين،
وقت بيهي نٿو
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ڏونگرن کان ڏکيِ،
جا نہ پنتي هٿيِ،
ان جو سونهون نہ ٿيو
۽ نہ ٻيلي ٿيو،
ٿيو تہ تاريخ ۾،
ڪو ٿيو داستان،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
سِرُ مَٿي ڪين آ،
سُرُ مَٿي آ ڏياچَ،
ڪنڌُ چارَڻُ جتان،
پِي چوي تون اتان،
ڪجھ بہ سوچڻ بنا،
ڪوري هڪدم ڏجان،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي اگر،
مان پچان هن کان،
بَمَ بارود ڇو،
ايترا هِنِ نهيا،
ڪيترائي دفعا،
جيئن پسم تئي دنيا،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
درد هر ديسَ جا،
تي ڪو طوفانُ هو،
ڪَڪَ پَنَ جيان ڪٽي،
۽ اڏاري وجي،
ڪاش، ايئن ٿي پوي،
سَڌَ پنهنجي اها،
شالَ پوري ڪري،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
شامَ ويلا ٿيا،
باکَ ميلا ٿيا،
باغ جي بينچ تي،
ڪيئي واعدا ٿيل
۽ ٿيل ڪي وَچَنَ،
ٿي نہ پورا سگھيا،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
چندَ کان ٻي حَسين،
گلَ گُلابيءَ کان وَڌِ،
ڏندَ موتيءَ سَمان،
قَدُ مُندبيءَ ٽِڪِ جيان،
ڪنهن کي ڏيئي، هلي،
پوءِ خزان کي مڙهيون،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ڪُنَ ڦهري اڳيان،
مينهن طوفان پيو،
جنهن ۾ ٻيڙيءَ سان گڏ،
تون سلامت رهين،
ٻيڙياتا، ٻَڏَئي،
هَڙَ ۾ ٿُمَرُ سو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
هڪ ڪي ماري، ٻِئي
سان ڪٽي ساهُ ٿو،
وقت جو ايئن ئي،
ٿو پيو ماپو ٿَهي،
جنهن ۾ ڪائي وِٿي،
هو نٿو ڪِٿِ وجهي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ڪيلَ پُتليون اسان،
جنهن جا ڏاڳا سندس،
هَٿَ ۾ تا رهن،
تو چَوي تا ڪِلوُن،
ڏُڪَ ڏِئي، لڙڪَ تي،
ڳِلَنِ تي تا ڪِرُون،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
تئي وڇوڙو گهَڙي،
هيئن نہ صديون تئي،
لڙڪ بوندون ڳِلَنِ
ڪان ڇڄي ڏارَ تِي،
ٿَهَڪَ تئي هر پَهَرُ،
مَهِڪي جيون سَڄو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
سِجَ جو تاءُ ٿي،
برف ۾ ٿو نچي،
روپُ ڌاري وڏو،
آبشارن سندو،
جنهن سان ڪيئي نديون،
ٿي پيو ٿو وَهي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ٿين دنيا جي پُڪي،
مرضَ ايڏا گهڻا،
قرض ڏاڍا گهڻا،
هاءِ ٿي بيوسي،
لعنتون مفلسي،
ڇو ٻُهاري نٿو!؟،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
جَڳَ جو، وقتُ جو،
ڪيڏو آهي مِنو،
پَلُ پَري هِڪُ ٿِيَڻُ
ڇڻ تہ ڪُسجي وَڃَڻُ،
ياني مخلوق ٿي،
هوُ نہ ڪنهن جو رهِيو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
مرڪ وِڄُ جي جهَلَڪَ،
تنهنجي ڳجهڙي ادا،
ڇڻ تہ بجلي پئي،
ڊوڙي بُتَ جي اندر،
هَئہ، عجب بي خودي،
ڪيڏو موهي پئي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
باهہِ گهر کي لڳي،
ماءُ بيهوش ٿي،
ڏيءُ ٿي ڪوئلو،
هوش آيو جڏهن،
هونگڙون، هاءِ ڙي،
سي بہ ڪوئلو ٿيون!،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ڪيئن ناول پڙهان،
ڪا ڪهاڻي پڙهان،
يا پڙهان شاعري،
سڀ ۾ نيڻ تو،
وارَ ڪولي ڇڏيا،
هوشُ ڪونهي رهيو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيھي نٿو...
وقت بيھي نٿو...
سرجري جسم جي،
آهِ ممڪن مگر،
سرجري خواب ۽
خواهشن مرض جي،
ٿي نہ ممڪن سگھي،
هَٿَ مٿي تي رکي،
وقت بيھي نٿو...
وقت بيھي نٿو...

وقت بيھي نٿو...
وقت بيھي نٿو...
ذاتِ جو، پاتِ جو،
زورُ هِتِ راتِ جو،
پيار جي هَٿَ بتي،
جي ٻري ٿي ڪِٿي،
واءُ گل ٿي ڪري،
ماءُ گل ٿي ڪري!،
وقت بيھي نٿو...
وقت بيھي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
مَنَ اجرا ٿين،
هر دغا، گندگي،
ڏارَ تِنِ کان ٿئي،
جيئن ايندڙ گهڙيون،
مينهن جون ٿي ڪٽيون،
ياڪرن ۾ يَرِنِ،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ويجُ جي ٿئي حبيبُ،
مرض سڀ دور ٿين،
ان جو نڪُ پيٽ کان،
ڪيڏو ڏس، هيٺ آ،
ڏوڪڙن سان ڪُهي،
ٿو پيو ماڻهپو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
عشق مجبورُ آ،
روشنين جي صدي،
۾ به بي نورُ آ،
راهہَ ۾ باهيون،
خواب تا خاڪ ٿين،
سِجُ ٿئي ٿو لَڄي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
جَرُ ڪارو ٿيو،
زهر تا پيا پيئون،
گند ڪچري مٿان،
زندگين جو سَفَرُ،
ڪو نہ سرڪار ڪي،
ترُ ڀي ڪو جهُبو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
جو ٿَڪي جو ٿِيو،
وقت جي ٺُڪَ جو،
ٿي نِشانو ويو،
سِجَ پوندِو ڏنو،
ديسَ نوڪَرَ هنئي،
واءُ کِھلي ڪَڍيو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ڇَوَڻ ڪنهن کونہ ڪيو،
لفظ ٿيا دربدر،
سمندَ ۾ بَمَ ۽
ڪنهن نہ گوليون وڌيون،
زندگيءَ جو ڏيئو،
اَجَلَ جي هَٿَ ۾ آ،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
وَسُ ڪيڏو بہ ڪيان،
ڪجھ نٿو ٿي سگهي،
پيرَ پُنتي مُڙِي،
شَهَرَ موهين اندر،
ٿي نہ داخل سگهنِ،
چو تہ وڏندي اڳيان،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

موهين = مهين جو دڙو

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
برقي رفتارَ سان،
ڏس، ٿي دنيا وڌي،
اڪ ماڻهوءَ جي اڄ،
هڪڙو راڪيٽ ٿي،
چندَ ڪان اڳيرا،
سيرَ پئي ٿي ڪري،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ترُ بہ پنهنجي خَبَرَ،
سَچُ پَوي ڪونہ ٿي،
باخبر ٿو رهي،
منهنجي رَڳَ رَڳَ ڪان هوُ،
آئون حيرانُ ٿِيان،
هوُ نہ حيرانُ ٿِيو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ڇُهنبَ ۾ هر پڪيءَ،
ڪي ٿو داڻا ڏئي،
جِيتُ جَڙِيو تڳي،
هُنَ جي مِهِرَ سان،
سارَ سڀ جي لهي،
ٿو سَپِنِ سان جيئي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
چورَ جوتختُ ۽
بختَ نابود ٿئي،
عدل انصاف جو،
بولُ بولُ بالا ٿئي،
نقلي هرڪنهن دوا،
جو ٿئي خاتمو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
وَڻَ چوٽيءَ مٿان،
هڪڙو آکيرڙو،
بازَ جا ٻئي چنبا،
ڪنهن پکيءَ جي ٻچڙ
سان ويا گڏ ڪٽيِ،
وَڻُ پيو ٿو روئي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ٽاٽا گهاٽا ٿيا،
ڇوته قانونَ جي،
پيلَ اُتِ تي ٿئي،
چورَ جون ڪوڏيون،
هٿڪڙيون ساڌَ جون،
اڄ به بڻجن پيون،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ڪوبه روڪي نٿو،
پيا ٿا جرگا ٿين،
فيصلو عَدُلَ جو،
عَدُل اڪين اڳيان،
ڏاڍ جي زور تي،
پيو ٿو چيٿاڙجي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
جنهن کي مذهب ڏنو،
حَقُ آ چوندَ جو،
غيرتن کوٽ ۾،
تنهن کي مججي نٿو،
“کارو ڪاري” چئي،
سي کُنا ٿا وڃن،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
اسپتالون وڏيون،
پنهنجي سرڪار جون،
مرض جن جي هٿان،
ڪين گهٽجي سگهيا،
ڇو تہ رشوت اتي،
اپ کي ٿي ڇُهي!،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
جنهن جو ٽيڪو هُيو،
تي نہ ان جو سگهيس،
لڙڪ نيڻن پري،
دل ۾ دانهون ڪري،
واٽ منزل ڇڏي،
واٽ ٻي مون وتي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
جي بہ چهرا ڏٺا،
تِن ۾ چهرا ٻيا
پي لڪل مون ڏٺا،
جِن ۾تورا سَڄَڻَ،
باقي سيئي ڏڄَڻَ،
واٽَ رت سان پريل،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
سَوَ الا باهہ جا،
روح ۾ تا ٻرن،
دلبريءَ جي گهڙي،
مونکان کسجي وئي،
سارو جيون ٿيو،
باهہِ جو سمنڊ آ،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
تانَ تنبورَ جي،
ٿي ٻُري پٽَ تان،
هو پٽائي نہ آ،
پر رسالو رهيو،
وقت جي ڳاٺَ سان،
جيڪو وڏندو رهيو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
مستُ ٿي تون سَچَلَ،
سَچَ جي جوشَ سان،
ڪوڙَ جي مُنهِن مَلين،
اڄ بہ دانگي پيو،
سِجَ جون جهُمريون،
چندُ مرڪي پيو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
مَٿ سامي سندءِ،
علم جي آبَ سان،
ڪَٿُ ڪورنِ پيا،
موهہَ مايا سندا،
ميرَ ڌوئن پيا،
جرڪي جيئن ماڻهپو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
اڄ نہ سوڀيو رهيو،
روشنيءَ پنڌ ۾،
هٿ ڇڏائي ويو،
جيستائين هيو،
شينهن جي رَڙ ڪا،
جاري ساري هُئي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

سوڀيو = سوڀيو گيانچنداڻي

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
شيخ جي شاعري،
فڪر انگيز ٿي،
سنڌ جي سينڌ جو،
اهڙو جهومر بڻي،
جنهن سان ڪيئي صديون،
روشني روشني،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

شيخ = شيخ اياز

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
دردَ ابڙي جمالَ،
تي ڪو اهڙو مثالُ،
ڪاغذن تي چِٽيا،
جن کي ڪڏهين زوال،
ڪونہ اچڻو ٿيو،
لڙڪ پيرين پَوَنِ،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
قادري او اياز،
تنهنجو عالم پٺو
۽ کهاڻي پٺو،
جوت پنهنجي ڪٽي،
رنگ پنهنجا ڪٽي،
منهنجي رڳ رڳ رچيو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
هو جو انور هُيو،
منهنجو رهبر هُيو،
جنهن جي دل ۾ اکر،
ڪوئي مانداڻ ها،
چنڊ چانداڻ ها،
هَئِہ ويو سو ڪسيون!،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

انور = انور پيرزادو

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
راشدي ذوالفقار،
پير جي ڳوٺ ۾،
ڪيڏي مَٽيا سندس،
مُڪَ مان پئي بَکي،
پيارُ ڪيڏو ڏنئين،
دل جو درياهُ هو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
مَهَرَ جا درد ۽،
لڙڪ واجد سندا،
پارَ ڪيهر جا ٿيا،
دانهن ٿي مَلَڪَ جي،
چيخَ روشن تنيو،
هي تہ اتهاس ها!،

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

مهر = رزاق مهر
ڪيهر = ڪيهر شوڪت
ملڪ = ملڪ آگاڻي
روشن تنيو = روشن علي تنيو

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
مون هدايت ڏٺو،
ايڪويهين صدي،
جنهن جو مُکڙو ڏِسڻ،
ڪان ٿي محروم هئي،
باهِ جو هو قلم،
سَچَ جو مَچُ هو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

هدايت = هدايت منگي

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ايڏي ڪاوڙ نہ ڪَرِ،
تاجُ آن، تاجَ جو،
ڪو پَرَمُ يارَ رَڪُ،
فون ڪڻُ، ٻولَ ڪي،
مونتي مرهم ڪري،
دل مٿان يارَ رَڪُ،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

تاج = تاج بلوچ

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
تي وفا جو غزل،
يا تہ تي گل جو،
ويسُ ململ ڪري،
مونڏي اچجان پرين،
تِنِ جي لهجي جيان،
مون ۾ رچجان پرين،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وفا = وفا ناٿن شاهي
گل = اياز گل

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
زور طوفانُ آ،
ترس امدادَ تون،
ڏات ڏيئي کي ڍَڪِ،
هَٿَ جو کوٽُ تي،
ڇو تہ ان سان سجيِ،
سنڌ جرڪي پئي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

امداد = امداد حسيني

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
هڪڙو بادل تہ آ،
جنهن جي هٿ ۾ پرين،
هڪ نہ ڪيئي ڪنول،
جي ڪهاڻيون امَرُ،
ڍِنڍَ سينوارَ جون،
سنڌُ سنسارَ جون،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

بادل = بادل جمالي

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
بدر ابڙا، جَبَلَ،
تنهنجا پائر ٿيا،
ٿَرَ جون سپ پٿون،
تنهنجيون پينرُ ٿيون،
جن جي لوئيءَ جي لَجَ،
تون رکيو پيو اچين،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
”ساهہُ مُٺِ ۾“ لِکي،
جيڪو ماڻڪ ويو،
جنهن بہ کولي پڙهيو،
ساهہُ مُٺِ ۾ اچي،
ان جو گهُٽبو ويو،
جهنگُ آ باهِ جو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
باکَ جيئن آ ڦٿي،
چئوسِٽو ادل جو،
جاڳَ جا نيڻ ٽي،
هڪڙي اخبار سان،
منهنجي خوابن جا دڳ،
ٿو اجاري پيو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

ادل = ادل سومرو

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ابڙو انور جگرُ،
شاعري ۽ نثرُ،
جنهن جو جادوءَ سَمان،
مَنُ ٿو موهي وجهي،
تيرَ جهڙو اثرُ،
روح ڏاري وجهي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو..

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
پيڻ مهتاب تون،
ڪو دلاسو تہ ڏي،
مونکي آٿت تہ ڏي،
ديسَ ڪان درد هي،
ڏارَ ٽيندا يا ايئن،
وقت هلندو پيو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

مهتاب = مهتاب اڪبر راشدي

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
بيهہُ هڪ پل نصيرَ،
نرڙُ تنهنجو چُمان،
سمنڊُ جنهن جي اندر،
نثر جو، نظمَ جو،
پيو تو چوليون هڻي
۽ رُڪي ڪينَ ٿو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

نصير = نصير مرزا

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
زيب سنڌي وري،
مونکي ياڪر ۾ ڀَرِ،
لاڙڪاڻو پيو،
مونکي ڪائڻ اچي،
تو سوا ياءُ اڄُ،
ٿي نہ منهنجي سَري،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
تاج جويا مِنا،
پيارَ تنهنجي جي مان،
راهہَ پيو ٿو ڏسان،
ڪو بهانو ڪري،
آءُ منهنجي تڏي،
پوءِ متان نا هُجان!،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيھي نٿو...
وقت بيھي نٿو...
رات مختيار سا،
ڳالھ تعليم جي،
تي ڪئي اڳ جيان،
ساڳئي جوشَ سان،
جنھن سِوا ديسُ ھي،
ڪينَ ٿيندو سَگھو،
وقت بيھي نٿو...
وقت بيھي نٿو...

مختيار = مختيار سمون

وقت بيھي نٿو...
وقت بيھي نٿو...
شيخ انور بہ آ،
درد جو جنھن انگاسُ،
ھڪ ڪھاڻي لکي،
جنھن ۾ ڳوڙھا لکين،
روحَ کي لوڻُ ڏئي،
زخمُ کي پيا پٽِن!،
وقت بيھي نٿو...
وقت بيھي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
هُو علي، ”يا علي“،
جيڪو چئي پڙُ لٿو،
سوچ تبديل ٿئي،
درد جي ديسَ جي،
ڪوبہ پوتارُ جيئن،
سنڌ جو وارث نہ ٿئي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

علي = علي قاضي

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
هي جو آفتاب آ،
سو بہ هن دور جو،
آهِ اهڙو ڪَوي،
جنهن جي هر سِٽَ جو،
درد نوحو ٿيو،
منهنجو سونهون ٿيو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

آفتاب = آفتاب سرهيو

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
منگي اعجاز جو،
قلمُ ڄڻ تي سنڌو،
سنڌ جي سينڌ کي،
ساوڪون پيو ٿو ڏي،
جو رڪاوٽ بڻيو،
تنهن کي ٻوڙيون وجي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
گاد هوُ جو ايوب،
آ لطيفي ٿيو،
پٽ ڏٽيءَ جو وني،
پيچرو ٿو وجي،
مان مٿس گهورَ ٿِيان،
دل چوي ٿي اهو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
لوڪَ ڪي ٿي پئي،
مونتي ڪاوڙ گهٽي،
آئون انور جيان،
ڇو پيو سوچيان،
پيچرا پيارَ جا،
ڇو نوان ٿو گهڙيان،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

انور = انور پيرزادو

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
هو ”چنو“ جنهنکي ٿا،
ماڻهو ”طالب“ چوَنِ،
سو اجهو مون ڏِٺو،
ڏک جو، درد جو،
لڙڪ جنهن سان ملي،
ٿَڪَ ٿي ٿا وڃن،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
دل چيو ڄامَ سان،
ويهي روئان مگر،
هن کي فرصت ڪِٿي،
هو تہ مصروف آ،
يارَ هن جا گھڻا،
آئون ڪاڏي وڃان!؟،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

ڄام = ڄام جمالي

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
شَرُ پوپٽ هيو،
جنهن جو گل مان ٽِيس،
نانءُ هن جو علي،
ڪِٿِ بہ ڪڏهين پلي،
ويرُ انسانَ سان،
ڪونہ هو هُنَ رکيو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

شر = علي ڏنو شر

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ڪونهي مننار اڄ،
ڪنهن ڏي بس ۾ چڙهي،
نئين ديري وڃان،
لڙڪ پيو ڳاڙيان،
لاڙڪاڻي ۾ مان،
تي ويس هيڪلو!،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

مننار = مننار سولنگي

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ٿو وڃان پٽ تي،
دل پريل آ گھٽي،
ڪونهي ات اڄ ملاحُ،
پر برادي تہ آ،
جنهن جي سيني لڳي،
مان روئڻ ٿو گھُران،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

ملاح = الھ رکيو ملاح
برادي = برادي قمبراڻي

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
راڄپر هوُ ڪريم،
منهنجو پاڙيسري،
ننڍپڻ ۾ مليو،
جنهن هي ڏيئي قلم،
سوچ جي سفر ڪي،
سورَ سان هو ڳنڍيو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ڪيرُ اخلاق ڪي،
هي نياپو ڏِئي،
زندگي ايتري،
هاڻي ڪونهي رَهي،
ڇَڏِ رُساما ڪيون،
پيارُ هَرَ هَرَ وري،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

اخلاق = اخلاق انصاري

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
گم ٿي آن ويو،
مُنهن نہ تنهنجو بشيرَ،
سالَ ڪان مون ڏٺو،
تون ڪِٿي ٿو وَسين،
سِڪَ ڏاڍي لڳي،
اَڇُ، اَڄُ ئي مِلون،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

بشير = بشير چانڊيو (ڪاوش جو سرڪيوليشن مئنيجر)

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
ڪوسو سلطانُ جو،
دير سان آ مليو،
پر لڳي ٿو ائين،
ڪيئي صديون اسان،
اڳ بہ گهاريون هيون،
پيارَ جي پيچ ۾،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

ڪوسو سلطان = احمد سلطان ڪوسو

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
مهل سانجهي هُئي،
ٿي پکي موٽيا،
پنهنجي واهيري ڏي،
ماڻُ پيو جهنگَ مان،
پئي وٿاڻين وريو،
منهنجو افضل نہ هو!،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

افضل = افضل قادري

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
تو مٿر گيلري،
اڄ بند مان ڏسان،
رنگَ رضوان جا،
لاڙڪاڻو ڇڏي،
ويا ڪراچيءَ هليا،
قدر ڪنهن ڪونہ ڪيو!،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

رضوان = رضوان عمراڻي

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
هو علي بخش آ،
جنهن ۾ ٿم آسرو،
سنڌ جي لوڪ جيان،
منهنجي تاريخ جي،
واڳ هٿ ۾ ڪري،
پنڌ جيڪو ڪندو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

علي بخش = علي بخش پناھ

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
حسن کي ٿو چوان،
ساهہَ ۾ مونجهہ آ،
ڳڻُ طبيبن ڏي تون،
ڪَرِ ڪو حيلو مِلي،
وقت مونکي گهٽو،
حالُ ڪونهي رهيو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

حسن = حسن پناھ

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
روحي بانو مِني،
روشني مونکي ڏي،
ماءُ کي سَڏ نہ ڪَرِ،
لڙڪ هن جا متان،
مونکي لوڙهي وَجَنِ،
سَڏ واڪو نہ ڏيان،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

روحي = روحي بانو پناڻ
روشني = روشني پناڻ

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
جان محمد ادا،
مرتضيٰ ياءُ تون،
سَڏِ اعجاز کي،
آخري آ سَفَرُ،
آهِ شاهدُ ڪٿي،
پنڌ منهنجو پُڳو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

جان محمد = جان محمد عباسي
مرتضيٰ = مرتضيٰ ڪلهوڙو
اعجاز = اعجاز ڪلهوڙو
شاهد = شاهد عرف محمد امين ڪلهوڙو

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
آيو عاشق مٿان،
جنهن ڏسي آ ڇيو،
دير ڇوٽا ڪيو،
ٻاجهه مالڪ ڪري،
جيئن بَچِي هي ڪَوِي،
درد سڀ جا لکي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

عاشق = عاشق عرف الاهي بخش پناڻ

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...
پٽ نہ مونکي وحيدَ،
پٽ توکي ڪيم،
گهر جي پارٽ اٿئي،
روحي ۽ روشني،
شهربانوءَ مٿان،
ڇانوَ هر پَلِ ڪجان،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وحيد = وحيد علي پناڻ
روحي = روحي بانو پناڻ
روشني = روشني پناڻ
شهربانو = شهربانو پناڻ

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book